# واعدي جي پابندي

12/9/2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ داخلِ مسجد ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندو اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي.

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: جڏهن توهان مؤذن کي ٻڌو تہ توهان بہ ان وانگر چئو جهڙي طرح هو چئي رهيو آهي، پوءِ مون تي درود موڪليو جوتہ جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود موڪليندو آهي الله تعاليٰ ان تي 10 رحمتون موڪليندو آهي.

(ترمذي،ڪتاب المناقب عن رسول الله،باب ماجاء في فضل النبي،۵/۳۵۳،حديث: ۳۶۳۴)

يا نبی! تُجھ پہ لاکھوں دُرُود و سلام اِس پہ ہے ناز مُجھ کو ہُوں تیرا غُلام

اپنی رَحمت سے تُو شاہِ خَیرُ الاَنام مُجھ سے عاصِی کا بھی ناز بَرْدَار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سُٺيون سُٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سُٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سُٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله ، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## واعدي جي پابندي خاطر جان جي پروا به نه ڪئي

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "**دِين و دُنيا کی انوکھی باتیں**" جي صفحي 459 تي آهي: نعمان بن مُنذر نالي عرب جو هڪ بادشاهه هو، جنهن سال ۾ ٻه ڏينهن مقرر ڪيا هئا ته هڪ ڏينهن ماڻهن مان جيڪو ان کان پهرين ملندو هو، ان کي انعام ۽ اڪرام سان نوازيندو هو ۽ هڪ ڏينهن اهڙو هو جو جيڪو ان ڏينهن ان کي سڀني کان پهرين ملندو هو ان کي قتل ڪرائيندو هو. طي قبيلي جو هڪ شخص فقر ۽ فاقي مان تنگ

اچي ٻاهر نڪتو تہ ان جو نعمان بن منذر سان انھيءَ ڏينھن ملڻ ٿيو جنھن ۾ ھو پھرين ملڻ واري کي قتل ڪري ڇڏيندو ھو ۽ ھي ان ڪان ملڻ وارو پھريون شخص ھو. ان شخص کي جڏھن پنھنجي قتل جو يقين ٿي ويو تہ ان بادشاھ کي چيائين: اوھان مون کي ھينئر قتل ڪريو يا ڏينھن جي آخري حصي ۾ ٻالھ ساٻي آھي پر منھنجا ننڍا ننڍا ٻار ۽ اھل وعيال ٻُڪايل آھي، جيڪڏھن اوھان مون کي ٿوري مھلت ڏيو تہ مان پنھنجي گھر وارن جي لاءِ خوراڪ جو بندوبست ۽ انھن جي لاءِ وصيت ڪري اچان. بادشاھ کي ان جي حال تي رحم آيو تہ ان کي چيائين: توھان جي موٽڻ جي ضمانت ڪير ڏيندو تہ جيڪڏھن تون واپس نہ موٽين تہ تنھنجي بدلي ان کي قتل ڪيو وڃي. ان شخص بادشاھ جي مُصاحِب شريڪ بن عدي ڏانھن نھاريو ۽ ان کي ضامن (Guarantor) ٿيڻ جي لاءِ عرض ڪيائين. شريڪ بن عدي چيائين: مان ان جي ضمانت ڏيان ٿو. پوءِ ھو شخص ھليو ويو، منجھند گذريو تہ بادشاھ شريڪ کي چيائين: منجھند گذري ويو آھي پر اجا تائين ھو ناھي موٽيو. شريڪ چيائين: شام تائين وقت باقي آھي. جڏھن شام ويجھو ٿيڻ لڳي تہ بادشاھ شريڪ کي چيائين: توھان جو وقت اچي ويو آھي (تنھنڪري ھاڻي) قتل جي لاءِ تيار ٿي وڃ. شريڪ چيائين: آئون ھڪ شخص کي ايندي ڏسي رھيو آھيان ۽ منھنجي خيال ۾ ھي اھو ئي طي قبيلي جو شخص آھي، جيڪڏھن ھي اھو شخص نہ ھجي تہ اوھان مون کي قتل ڪري سگھو ٿا. جڏھن اھو شخص ويجھو آيو تہ خبر پئي تہ ھي اھو ساڳيو شخص آھي جيڪو شريڪ کي ضامن ڪري ويو ھو. بادشاھ ان کي ڏسي ڪجھ دير جي لاءِ مٿو ھيٺ ڪيائين پوءِ مٿو ڪڍي ان کي چيائين: اي طي قبيلي وارا! تو واعدي جي پابندي جي انتھا ڪئي آھي ۽ شريڪ کي چيائين: اي شريڪ تو احسان ۽ مُرَوَّت جي انتھا ڪئي. (ٻُڌو!) مان اڄ توھان ٻنھي جي ڪري قتل واري ڏينھن کي ختم ڪيان ٿو. پوءِ بادشاھ ان طي

قبيلي واري شخص کي چيو: تو کي واعدو پورو ڪرڻ تي ڪهڙي شيء مجبور ڪيو, حالانڪ ان ۾ تنهنجي جان وڃڻ واري هئي؟ ان چيو: وعدي کي پورو ڪرڻ منهنجو دِين (Religion) آهي ۽ جنهن ۾ اِيفاءِ عهد (واعدو سچو ڪرڻ) نہ هجي ان جو ڪو دِين ناهي. هي ٻڌي بادشاھ ان کي انعام ۽ اڪرام سان نوازيائين ۽ ان کي باعزت ان جي گهر وارن ڏانهن موڪلي ڇڏيو.

(دین و دنیا کی انوکھی باتیں،ص۴۵۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان اندازو لڳايو تہ ڀهريان جي ماڻهن ۾ خير خواهي، احسان ۽ همدردي، اُخوّت، ڀائپي ۽ واعدي جي پابندي جو جذبو ڪيتري قدر گهڻو هوندو هو! جڏهن تہ بُري وقت ۾ خاص ڪري جڏهن موت جو پاڇو پويان ڊوڙندو هجي، اهڙي ۾ غير تہ غير پنهنجا بہ ساٿ ڇڏي ويندا آهن، جان ڏيڻ جي دعويٰ ڪرڻ وارا بہ پاسو ڪري ويندا آهن ۽ واعدو وفا ڪرڻ بدران واعدي خلافي ۽ ڏوڪي بازي ڪندا آهن پر جيڪي پنهنجي دِين تي مضبوطي سان عمل ڪرڻ وارا هجن، خوفِ خدا جي شمع سان جنهن جا سينا روشن هجن، جنهن جون دِليون مسلمانن جي خير خواهي جي مقدس جذبي سان سرشار هجن، واعدي جي پاسداري جنهن جي رڳ رڳ ۾ رچيل هجي تہ ان تي ڪڏهن بہ ڪو امتحان اچي بہ وڃي تہ رحمتِ خداوندي انهن کي مايوس (Disappoint) ناهي ڪندي بلڪ انهن جي مدد ڪندي آهي، پوءِ نہ صرف انهن کي فضل ۽ ڪرم سان نوازيو ويندو آهي بلڪ انهن جي صدقي ۾ ٻيا ماڻهو بہ هلاڪت کان محفوظ ٿي ويندا آهن. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ ڏکايل مسلمانن جو ڏُک درد سمجهون، آزمائش جي وقت انهن جو سهارو بڻجون، انهن کي دلاسو ڏيون، هر جائز طريقي سان انهن جي خير خواهي ۽ مدد ڪريون تہ حديثِ پاڪ ۾ مسلمان جي مدد ڪرڻ جي وڏي فضيلت آهي. جيئن تہ

حضرت سَيِدُنا ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: تاجدارِ حرم،شهنشاه اُمم، سراپا جُود وڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جنهن ڪنهن مومن کان

دنيا جي ڪا تڪليف (Trouble) پري ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي قيامت جي تڪليف پري ڪندو. جنهن ڪنهن تنگ دست تي آساني ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ ان تي دنيا ۽ آخرت ۾ آساني ڪندو. جنهن ڪنهن مسلمان جي پرده پوشي ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت ۾ ان جي پرده پوشي ڪندو. الله عَزَّوَجَلَّ ٻانهي جي مدد ڪندو رهندو آهي جيستائين ٻانهو پنهنجي ڀاءُ جي مدد ۾ لڳل رهندو آهي.
(مسلم ،كتاب الذكر وا لدعاء ---الخ ، باب فضل الاجتماع --- الخ ، ص١١١٠، حديث :٦٨٥٣)

مشهور مُفَسِّرِ قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هن حديث پاڪ جي شرح ڪندي فرمائن ٿا: يعني توهان ڪنهن جي فاني مصيبت دفع ڪريو! الله (عَزَّوَجَلَّ) توهان ڪان باقي (آخرت جي) مصيبت دفع ڪندو، توهان مؤمن ڪي فاني دنيوي آرام پهچايو! الله (عَزَّوَجَلَّ) توهان ڪي باقي اُخروي آرام ڏيندو ڇاڪاڻ ته احسان جو بدلو احسان آهي. هي حديث وڏي جامع آهي، ڪنهن مسلمان جي پير مان ڪنڊو ڪڍڻ به ضائع ناهي ٿيندو، حديث جو مطلب هي ناهي ته صرف قيامت ئي ۾ بدلو ملندو بلڪ قيامت ۾ بدلو ضرور ملندو، اگرچ ڪڏهن دنيا ۾ به ملي وڃي. مزيد فرمائن ٿا: جيڪو مقروض ڪي معافي يا مهلت ڏئي، غريب جي غربت دُور ڪري، ته اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ دين ۽ دنيا ۾ ان جون مشڪلون آسان ٿينديون. (مرآة المناجيح ، ١/ ١٨٩)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته حاجت مند مسلمانن جي مدد ڪرڻ تمام وڏو ثواب جو ڪم ۽ گھڻن فائدن ۽ ثمرات جي حصول جو ذريعو آهي. ياد رکو! واعدو پورو ڪرڻ به مسلمان جي مدد ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي مثال طور ڪنهن پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي حاجت روائي جي لاءِ هن شرط تي قرضو (Loan) ڏنو ته فلاڻي تاريخ تائين موٽائي ڏيجان، ڇاڪاڻ ته مون هي پيسا پنهنجي ڪجھ ضرورتن جي لاءِ رکيل هئا، قرض وٺڻ واري به واعدو ڪيو ته وقت تي

رقم موٽائي ڏيندس ۽ ان پنهنجو واعدو وفا بہ ڪري ڇڏيو، ائين هڪ پاسي قرض خواه هڪ حاجت مند مسلمان جي مدد ڪئي تہ ٻئي پاسي ان حاجت مند مسلمان بہ واعدي مطابق قرضو واپس ڪري ان قرض خواه جي مدد ڪئي تہ جيئن اهو وقت تي پنهنجي رقم ڪٺي پنهنجي ضرورت پوري ڪري سگهي.
بهرحال واعدو (Promise) چاهي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان هجي يا ٻانهن سان ان کي هر حال ۾ پورو ڪرڻ اسان جو فرض آهي ڇو تہ واعدو پورو ڪرڻ اسلامي تعليمات جو اهم ترين حصو آهي. قرآنِ ڪريم ۽ احاديثِ رسولِ ڪريم ۾ وعدو پورو ڪرڻ جو حڪم، ان جي اهميت، ان جي فضيلتن ۽ وعدي خلافي جون وعيدون بيان ٿيون آهن. جيئن تہ سيپارو 15 سوره بني اسرائيل جي آيت نمبر 34 ۾ واعدي جي اهميت کي ائين بيان ڪيو ويو آهي:

اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ مَسْـُٔوْلًا ﴿۳۴﴾

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ واعدو پورو ڪيو بيشڪ واعدي بابت پڇا ٿيڻي آهي.

(پ:15، سوره بني اسرائيل آيت 34)

مُفسّرِ قرآن،حضرت سَيدُنا اِسماعيل حَقّي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هن آيت جي تحت لکن ٿا: آيتِ مبارڪ ۾ واعدو پورو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي چاهي اهو الله عَزَّوَجَلَّ جو هجي يا ٻانهن جو. الله عَزَّوَجَلَّ کان عهد ان جي بندگي ۽ اطاعت ڪرڻ جو آهي. (تفسير خازن، الاسرا ء،تحت الآية:۳۴، ۱۷۴/۳ملتقطاً) ۽ ٻانهن کان عهد ۾ هر جائز عهد داخل آهي. **افسوس صد ڪروڙ افسوس!** جو واعدو پورو ڪرڻ جي مُعاملي ۾ بہ اسان جو حال ڪجهہ سنو ناهي بلڪ واعده خلافي ڪرڻ اسان جو قومي مزاج بڻجي چڪو آهي. ليڊر (Leader) قوم کان عهد ڪري ٽوڙي ڇڏيندا آهن ۽ ماڻهو هڪ ٻئي کان عهد ڪري ٽوڙي ڇڏيندا آهن. (صراط الجنان،۴۵۸/۵)

تفسير ”طَبَري“۾منقول آهي: بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ عهد ٽوڙڻ واري کان پُرسِش (پڇا ڳاڇا) ڪندو، ان کري اي انسانو! توهان ۽ جنهن سان عهد ورتو

آهي ان کي نہ ٽوڙيو تہ ڪٿي وعده خلافي ڪري غداري نہ ڪريو.

(تفسير طبري ، الاسراء ، تحت الآية: ٣۴ ، ٨ / ٧٨)

سيپاري 13 سُورَہ رَعد جي آيت نمبر20 ۾ واعدو پورو ڪرڻ وارن جو شان بيان ڪندي خالق ۽ ملڪ عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

اَلَّذِيْنَ يُوْفُوْنَ بِعَهْدِ اللّٰهِ وَ لَا يَنْقُضُوْنَ الْمِيْثَاقَ ﴿۲۰﴾ (پ١٣،الرعد:٢٠)

**ترجموڪنز الايمان:** جيڪِي الله سان ڪَيل عهد پُورا ڪندا آهن ۽ پڪو قول ڪري ڦِرندا نہ آهن.

مفسرِ قرآن حضرت سَيدُنا اِسماعيل حَقّي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن آيت تحت فرمائن ٿا: يعني آخرت جو سنو انجام اُنهن جي لاءِ آهي جيڪي الله تعاليٰ سان ڪيل عهد پورو ڪن ٿا جو ان جي ربّ هئڻ جي شاهدي ڏين ٿا ۽ ان جو حڪم مڃن ٿا. الله تعاليٰ سان ڪيل عهد ۽ انهن معاهدن کي ٽوڙين نٿا جيڪي اُنهن ماڻهن سان ڪيا آهن. (روح البيان، تحت الآية:٢٠،۴/ ٣۶٣)

سيپاري 18سُوْرَہ مُؤمِنُوْن جي آيت نمبر 8 تا 11 ۾ وعدو وَفا ڪرڻ وارن کي جَنَّتُ الفِرْدَوس جي خوشخبري ڏني وئي آهي جيئن اِرشاد باري تعاليٰ آهي:

وَالَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ﴿۸﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَوٰتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ﴿۹﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْوٰرِثُوْنَ ﴿۱۰﴾ الَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْفِرْدَوْسَ ؕ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۱۱﴾
(پ١٨،المومنون:٨تا١١)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اُهي پنهنجي امانتن ۽ پنهنجي عهد جي رعايت ڪندڙ آهن. ۽ جيڪو پنهنجي نمازن جي حفاظت ڪندا آهن. اُهي ئي ماڻهو وارث آهن. جيڪي فردوس جا وارث ٿيندا سي ان ۾ هميشہ رهندا.

صدرُالافاضل مولانا سيد مفتي محمّد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

www.dawateislami.net

سُورَه مُؤمِنُون جي بيان ڪيل انين (8) آيتِ مبارَڪ جي تحت فرمائن ٿا: چاهي اهي اَمانتون الله عَزَّوَجَلَّ جون هجن يا مخلوق جون ۽ اهڙي طرح عَهد (چاهي) خدا عَزَّوَجَلَّ سان هجي يا مخلوق سان، سيني کي پورو ڪرڻ لازِم آهي.
(خزائن العرفان، پ١٨، المؤمنون، تحت الآية:٨)

حضرت سَيدُنا علامہ قُرطُبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن آيت تحت فرمائن ٿا: هر قسم جي ذِمّيداري جيڪا انسان پنهنجي ذمي کڻي ٿو، چاهي ان جو تعلق دِين سان هجي يا دُنيا سان، گفتار سان هجي يا ڪردار سان ان کي پورو ڪرڻ مسلمان جو امتيازي شان آهي. (تفسير قرطبي ،پ١٨، المومنون: تحت الاية:٨ ،٨٦/٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اسلام ۾ واعدي جي ڪيتري قدر اهميت آهي ۽ وعدو نڀائڻ وارا ڪيتري قدر خوش نصيب آهن جو جنهن جي شان ۽ شوڪت کي قرآنِ ڪريم جي مقدس آيتن ۾ نهايت خوب صورت انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. تنهنڪري مسلمان هئڻ جي ناطي اسان کي گهرجي تہ جهڙي طرح اسان پاڻ ٻين کان هن ڳالھ جي اُميد رکون ٿا تہ ڪو اسان سان واعدو خلافي نہ ڪري، اسان کي ڌوڪو نہ ڏئي ۽ پنهنجي ڪيل واعدي تي پورو لهي، اهڙي طرح اسان کي پاڻ کي بہ هن ڳالھ جو عادي بڻائڻو پوندو تہ جڏهن اسان ڪنهن سان واعدو ڪريون تہ واعدي خلافي ڪرڻ بدران بنا دير جي واعدو پورو ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪريون. ها! جيڪڏهن پهريان ئي واعدو پورو نہ ڪرڻ جو انديشو هجي تہ هاڻي واعدو ڪرڻ کان بچجي ڇوتہ وعدو ڪرڻ تہ گهڻو آسان هوندو آهي پر ان کي نڀائڻ مشڪل (Difficult) هوندو آهي. مُهلَّب بِن اَبِي صُفرَه پنهنجي پٽ عبدُ المَلِڪ کي نصيحت ڪندي چيائين: اي پٽ! واعدو ڪرڻ ۾ اڳرائي نہ ڪر ڇو تہ وعدو ڪرڻ تہ آسان آهي پر ان کي پورو ڪرڻ دُشوار آهي. (شُعَبُ الاِيمان،الثاني والثلاثون، باب في الايفاء بالعقود ٨٢/۴، حديث:۴٣٦١، ملخصاً)
ڪڏهن ڪڏهن واعدي خلافي بغض ۽ ڪيني کي جنم ڏيندي آهي، جيئن تہ

حضرت سَيدُنا داؤد عَلٰی نَبِيِنَا وَ عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام جو اِرشادِ نصيحت بنياد آهي: توهان کنهن سان اهڙو واعدو نہ ڪريو، جنهن کي پورو نہ ڪري سگھو، نہ تہ توهان جي ۽ ان جي وچ ۾ بُغض پيدا ٿي ويندو. (مجمع الزوائد،کتاب الزهد،باب منه في المواعظ...الخ ،١٠/ ٤٠٥، رقم: ١٧٧٢٨)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي حضرت سَيدُنا داؤد عَلٰی نَبِيِنَا وَ عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام ڪيتري پياري ۽ بهترين نصيحت ارشاد فرمائي ۽ بغض ۽ ڪيني کان بچڻ جو ڪيترو پيارو نُسخو عطا فرمايو. **پر افسوس!** تہ هاڻي اسان جي معاشري۾ واعدي خلافي گھڻي عام ٿيندي پئي وڃي ڀار هجي يا وڏو، مرد هجي يا عورت، پوڙهو هجي يا جوان، اولاد هجي يا والدين، حاڪم هجي يا محڪوم، آفيسر هجي يا ملازم، ڊاڪٽر (Doctor) هجي يا مريض، ڪاريگر هجي يا هيلپر، دُڪاندار هجي يا گراهڪ، مڪان مالڪ هجي يا ڪرائيدار، اُستاد هجي يا شاگرد، رشتيدار هجي يا پاڙيسري، دنيا دار هجي يا مذهبي ويس وارو الغرض واعدي خلافي جو هي خطرناڪ مرض ڪم و بيش هر شعبي سان وابستہ ماڻهن کي پنهنجي وڪڙ ۾ ورتو آهي ۽ واعدي خلافي جي نحوست جي سبب مسلمانن جي وچ ۾ بغض ۽ڪيني ۽ ذاتي رنجشن ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي. **ياد رکو!** وعدي خلافي گناهِ ڪبيره، ناجائز، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي ۽ وعدي خلافي ڪرڻ واري جي لاءِ احاديثِ مبارڪ ۾ گهڻيون سخت وعيدون آيون آهن. اچو! وعدي خلافي جي مذّمت تي 4 **فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهي ۽ عبرت حاصل ڪريو. جيئن تہ

1. ارشاد فرمايائون: جيڪو ڪنهن مسلمان سان واعدي خلافي ڪري، ان تي الله تعاليٰ ۽ فِرشتَن ۽ سيني انسانن جي لَعنت آهي ۽ ان جو ڪو بہ فرض قبول ٿيندو نہ نفل. (بخاري،کتاب فضائل المدينة،باب حرم المدينة،حديث : ١٨٧٠، ٦١٦/١)

2. ارشاد فرمايائون: ماڻهو ان وقت تائين تباه نہ ٿيندا جيستائين جو اهي

پنهنجن ماڻهن سان ڪيل واعدي خلافي نہ ڪن. (ابوداود،ڪتاب الملاحم، ۴/۱۶۶،حديث:۴۳۳۸)

3. ارشاد فرمايائون: واعدو قَرض وانگر آهي. هلاڪت آهي ان جي لاءِ جيڪو وعدو ڪري ۽ پوءِ ان جي خِلاف ڪري، ان جي لاءِ هلاڪت آهي، ان جي لاءِ هلاڪت آهي. (معجم اوسط،باب الحاء،من اسمه حمزه، ۳۵۱/۲،حديث:۳۵۱۴)

4. ارشاد فرمايا: منافق جون ٽي (3) نشانيون آهن: (1) جڏهن ڳالهہ ڪري تہ ڪوڙ ڳالهائي، (2) جڏهن واعدو ڪري تہ پورو نہ ڪري ۽ (3) جڏهن ان وٽ امانت رکائي وڃي تہ خيانت (Dishonesty) ڪري. (مسلم،ڪتاب الايمان، ،ص۵۳، حديث: ۲۱۱)

شارحِ بخاري حضرت علامہ مفتي شريف الحق امجدي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيان ڪيل آخري حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: هن حديث ۾ منافق جون ٽي (3) اهڙيون نشانيون بيان ڪيون ويون (آهن)، جنهن جو تعلق قول، عمل (۽) نيت مان هڪ هڪ سان آهي، ڪذب (ڪوڙ) فسادِ قول آهي، خيانت (ڌوڪي بازي) فسادِ عمل آهي ۽ واعدي خلافي فسادِ نيت آهي. جيڪو منافق هوندو ان ۾ هي ٽي (3) ڳالهيون ضرور هونديون پر هي ضروري ناهي تہ جنهن ۾ هي ٽي (3) ڳالهيون هجن اهو منافق بہ هجي، ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن مسلمان ۾ اهي ڳالهيون هجن ان کي منافق چوڻ جائز ناهي، ها! هي چئي سگهون ٿا تہ هن ۾ نفاق جي نشاني آهي. (نزهة القاري،۳۴۸/۱،ملخصا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ واعدو خلافي ڪرڻ وارا ڪيتري قدر بد بخت ۽ نادان آهن جو وعدو خلافي ڪري اهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي معصوم ملائڪن جي لعنت جا حقدار ٿيندا آهن، منافقت جي آفت ۾ ڦاٿل ۽ فرض و واجب جي قبوليت جي نعمت کان پري ٿي ويندا آهن. افسوس جو هاڻي دل جي سختي ايتري قدر وڌي چڪي آهي جو واعدي خلافي جون وعيدون ٻڌڻ جي باوجود بہ اسان جو هن گناهہ کان بچڻ جو ذهن ئي ناهي ٺهندو. ماڻهو اسان تي

اعتماد ڪري اسان سان ملڻ جو وقت ونندا آهن، اسان کي ضرورت جي وقت قرض ڏين ٿا، اسان کي پنهنجن رازن جو امين بڻائن ٿا پر اسان اهڙا بدلگام آهيون جو واعدو خلافي ڪري انهن جي اميدن تي پاڻي هاريندا آهيون ۽ انهن جي اعتماد (Trust) کي ڇيهو رسائي وڏي اطمينان سان زندگي گذاريون ٿا. واعدي جي پابندي جي اعتبار سان جيڪڏهن اسان معصوم هستين يعني انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي سيرت جو مطالعو ڪريون ته شايد اسان جا ڪنڌ شرم وچان جهڪي وڃن ڇوته اهي حضرات اسان وانگر واعدو ڪري ان جي خلاف ڪرڻ يا بنا سبب جي ٽال مٽول سان ڪم وٺڻ وارا نه هئا بلڪ پنهنجن واعدن کي هميشه پورو ڪندا هئا. اچو! ترغيب طور حضرت سَيِدُنا ابراهيم خَلِيلُ الله عَلٰی نَبِيِنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي فرزند حضرت اسماعيل ذَبِيحُ الله عَلٰی نَبِيِنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي واعدي پورو ڪرڻ جي هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌون ٿا،

## واعدي جا سچا پيغمبر

حضرت سَيِدُنا سهل بن عقيل رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت سَيِدُنا اسماعيل عَلٰی نَبِيِنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام ڪنهن شخص ڪان هڪ هنڌ ملڻ جو واعدو ڪيو، طي ٿيل وقت تي پاڻ اتي تشريف وٺي آيا، پر ان شخص ڪان وسري ويو، پاڻ اتي بيٺل رهيا، ايستائين جو شام ٿي وئي ۽ پوءِ رات به پاڻ اتي گذاريائون، اڳوٽي ڏينهن اهو شخص آيو ۽ پاڻ ڪان پڇڻ لڳو ته اوهان ڪلهه ڪان هتي آهيو؟ ويا نه؟ پاڻ ارشاد فرمايائون: نه، مان ڪلهه ڪان هتي آهيان. هي ٻڌي ان شخص معذرت ڪئي ته مان ڪلهه اچڻ وسري ويو هئس، هي ٻڌي پاڻ فرمايائون: جيستائين توهان نه اچو ها تيستائين مان هتي بيٺل رهان هئا، ان ڪري پاڻ صادق(Truthful) تي ويا. ( تفسير طبري، سوره مريم ، ۳۵۱/۸)

پاڻ عَلٰی نَبِيِنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي هن وصف کي بيان ڪندي الله عَزَّوَجَلَّ سيپارو 16سوره مريم جي آيت نمبر 54 ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

وَ اذۡكُرۡ فِي الۡكِتٰبِ اِسۡمٰعِيۡلَ ۫ اِنَّهٗ كَانَ صَادِقَ الۡوَعۡدِ وَكَانَ رَسُوۡلًا نَّبِيًّا ﴿۵۴﴾ (پ۱۶،مريم:۵۴)

ترجموڪنز الايمان: ۽ ياد ڪر ڪِتاب ۾ اِسماعِيل کي بيشڪ اُهو واعِدي جو سچو هو ۽ رسُول هو غيب جُون خبرُون ٻُڌائِيندڙ.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِدُنا اسماعيل عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي نظر ۾ واعدي جي ڪيتري قدر اهميت هئي انهيءَ ڪري الله تبارڪ وتعاليٰ سندن کي ”صَادِقُ الوَعد“ يعني ”واعدي جو سچو“ جو لقب عطا فرمايو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي آقا و موليٰ، احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذاتِ مبارڪ ۾ هن عظيم وصف جو ظهور ڪامل طور تي نظر ايندو هو، پاڻ سڳورا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻه پنهنجي سڄي زندگي (Whole-life) واعدي جي پاسداري فرمائي ايستائين جو پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ته غير مسلمن سان ڪيل وعدن کي به وڏي اهميت ڏيندا هئا. جيئن ته

## اي نوجوان! تو ته مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو

حضرت سَيِدُنا ابوالحَمساء رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه فرمائن ٿا ته اعلانِ نُبُوت کان اڳ ۾ مون سرورِ ڪائنات، فخرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ڪجهه سامان خريد ڪيو، انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪجهه رقم منهنجي ذِمّي باقي رهجي وئي، مون پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي چيو: اوهان هتي ترسو! مان هينئر گهران رقم آڻي انهيءَ هنڌ تي اوهان جي بارگاهه ۾ حاضر ڪيان ٿو. حضورِ انور،شافعِ محشر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن انهيءَ هنڌ ترسڻ جو واعدو ڪري ورتو، پر آئون گهر اچي پنهنجو واعدو وساري وينس. پوءِ ٽي (3) ڏينهن کان بعد مون کي جڏهن خيال آيو ته رقم وٺي انهيءَ هنڌ پهتس، ڇا ٿو ڏسان ته آقاءِ نامدار، مديني جا تاجدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهيءَ هنڌ منهنجو انتظار (Wait) ڪري رهيا آهن. مون کي ڏسي پاڻ

ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ پيشاني تي ڪو گنجهه نہ آيو ۽ ان ڪان علاوه پاڻ مون کي ڪجهه بہ نہ چيائون: تہ اي نوجوان! توهان تہ مون کي تڪليف ۾ وجهي ڇڏيو هو، ڇوتہ مون پنهنجي واعدي جي مطابق ٽي (3) ڏينهن کان هتي تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهيان.

(الشفاء بتعريف حقوق المصطفي ،الباب الثاني، فصل واما خلقه...الخ ،ص ۱۲۶،جزء ۱)

خُدا جن کو نوازے ذِکر کی لذَّت وہ پاتے ہیں
کیا تھا وعدہ جو روزِ اَزَل اُس کو نبھاتے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ڏٺو اوهان تہ محبوبِ ربِّ ڪريم،صاحبِ خُلقِ عظيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ واعدو پورو ڪرڻ جو ڪهڙوعظيم مثال قائم ڪيو ۽ حضر ت سيدُنا عبدُ الله بن اَبي حَمساء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه سان ڪيل واعدي کي ڪيتري عمدگي سان نڀايو ايستائين جو هن واعدي نڀائڻ ۾پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٽن (3) ڏينهن تائين انتظار ڪيائون. بيشڪ اِنتظار جي طَوالت ۽ ان تي ڪمالِ صَبر ۽ اِستِقامَت، هي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرتِ طيبہ جو اَعليٰ ترين مثال آهي.

ترے خُلق کو حق نے عظیم کہا تری خِلق کو حق نے جمیل کیا
کوئی تجھ سا ہوا ہے نہ ہوگا شہا ترے خالقِ حُسن واَدا کی قسم

مختصر وضاحت: اي منهنجا رحمت وارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! الله عَزَّوَجَلَّ اوهان جي خُلقِ مُبارڪ کي عظيم (نهايت وڏو) قَرار ڏنو آهي ۽ اوهان جي وِلادَتِ باسعادت هزارين سَعادَتون ۽ برڪتون ڪٺي آئي، اهڙي نرالي ۽ حَسِين ڪنهن جي پيدائش نہ ٿي. منهنجا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! ڀلا اوهان وانگر ڪير

تي سگهي ٿو؟ ها ها! زمين ۽ آسمان جي پيدا ڪرڻ واري جو قسم! اوهان جهڙو ڪوئي نہ“

## واعدي جي پابندي

حضرت سَيدُنا حُذَيفَہ بن يمَان ۽ حضرت سَيدُنا ابو حُسَيل رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا هي ٻئي صحابي ڪٿان اچي رهيا هئا، رستي ۾ دُشمنانِ اسلام انهن ٻنهن کي روڪي پڇيائون: توهان ٻئي بدر جي ميدان ۾ حضرت محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي مدد ڪرڻ جي لاءِ وڃي رهيا آهيو. انهن ٻنهن انڪار ڪيائون ۽ جنگ ۾ شريڪ (Participate) نہ ٿيڻ جو واعدو ڪيو تہ انهن ٻنهن کي ڇڏي ڏنو. جڏهن اهي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجو واقعو بيان ڪيو تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن ٻنهن کي لڙائي جي صفن مان جدا ڪري ڇڏيو ۽ ارشاد فرمايائون: اسان هر حال ۾ عهد جي پابندي ڪنداسين اسان کي صرف خدا عَزَّوَجَلَّ جي مدد درڪار آهي. ( مسلم ، كتاب الجهاد والسير ، باب الوفاء بالعهد، ص٨٦٣ ،الحديث:٤٦٣٩)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو تہ جڏهن جنگ جو موقعو هجي تہ اهڙي ۾ هڪ هڪ سپاهي وڏو قيمتي هوندو آهي، پر قربان وڃجي! تاجدارِ دو عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن فيصلي تي جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صرف غير مسلمانن سان ڪيل واعدو نڀائڻ جي لاءِ لشڪرِ اسلام مان پنهنجا بہ بهادر (Brave) ۽ جانباز صحابہ ڪرام کي جدا ڪري ڇڏيو، پر انهن سان ڪيل واعدي جي خلاف ورزي نہ ٿيڻ ڏني.

اي محبتِ رسول جي دعوي ڪرڻ وارا عاشقانِ صحابه ۽ اهلبيت! ٿورو سوچيو! جنهن ڪريم آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اسان غلام آهيون، ان جو شان تہ هي آهي تہ هو غيرن سان ڪيل واعدي جي بہ خلاف ورزي نٿا فرمائن ۽ هڪ اسان آهيون جو پنهنجي مسلمان ڀائرن سان واعدو خلافي ڪري انهن جي دل آزاري ڪريون ٿا ۽ ڪثرت سان واعدي خِلافي جي گناه ۾ مبتلا ٿي ڳالھ ڳالھ تي ڪوڙ ۽

فَخرِيَّہ انداز ۾ هي چوندي ٻڌا ويندا آهيون تہ اسان فلاڻي کي ڏوکو ڏنو آهي، فلاڻي سان فريب ڪيو آهي وغيره وغيره مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن تہ ٻي پاسي اسان جي بزرگن جو طرزِ عمل ڪيترو پيارو آهي جو هر حال ۾ پنهنجي واعدي جي پاسداري ڪندا هئا، مسلمانن جي حُسنِ ظن جي لڄ رکندي ۽ انهن جي اعتماد کي نقصان پهچائڻ کان بچندا هئا. اچو! هن باري ۾ بہ (2) سبق آموز واقعات ٻڌون ٿا.

## نياڻي جو نڪاح ڪري ڇڏيو

حُجَّة الاِسلَام حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِحياء العلوم ۾ فرمائن ٿا تہ حضرت سيدُنا عبدالله بن عَمرو بن عاص رَضِىَ الله تَعَالٰى عَنْهمَا جي وفات جو وقت جڏهن ويجهو آيو تہ ارشاد فرمايائون: هڪ قريشي شخص مون کان منهنجي نياڻي جو سڱ گهريو ۽ مون ان سان مُبهم واعدو ڪيو هو. بخدا! مان الله عَزَّوَجَلَّ کان نِفاق جي ٽي علامت (واعدو خلافي ڪرڻ) سان گڏ ملاقات نٿو ڪرڻ چاهيان، مان توهان سڀني کي گواهہ بڻايان ٿو تہ مون پنهنجي نياڻي جو نڪاح (Marriage) ان شخص سان ڪري ڇڏيو. (احياء العلوم، كتاب افات اللسان ۳/۱۶۴)

## ڌاڙيلن جي سردار جي توبہ

سرڪارِبغداد، حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي قافلي سان گڏ حصولِ علمِ دين جي لاءِ جيلان کان بغداد وڃي رهيا هئا تہ واٽ ۾ ڌاڙيلن قافلي کان ڦر ڪئي، هڪ ڌاڙيل اوهان وٽ آيو ۽ چيائين: توهان وٽ ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون: گُدڙي (يعني ھڙ) ۾ چاليهہ دينار آهن. ڌاڙيل ان ڳالهہ کي مذاق سمجهي ڪري هليو ويو، ان کان پوءِ ٻيو ڌاڙيل آيو ۽ ان بہ اهڙي طرح سُوال ڪيا ۽ پاڻ ساڳيو جواب ان کي بہ ڏنو ۽ اهو بہ انهيءَ طرح مذاق سمجهي هليو ويو، جڏهن سڀ ڌاڙيل پنهنجي سردار وٽ جمع ٿيا تہ اوهان کي اُتي گهرايو. سردار پڇا ڪئي: تو وٽ ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون: چاليهہ دينار آهن. سندن تلاشي کان بعد جڏهن

www.dawateislami.net

واقعي چاليهه (40) دِينار نڪتا تہ سردار پڇيائين: پٽ! توهان کي سچ ڳالهائڻ تي ڪهڙي شيءِ اياريو؟ ارشاد فرمايائون: مون پنهنجي والده سان هميشہ سچ (Truth) ڳالهائڻ جو واعدو ڪيو. هو هي ٻڌي ڌاڙيلن جو سردار روئندي چوڻ لڳو: هي ٻار پنهنجي ماءُ سان ڪيل واعدي کي ناهي وساريو ۽ مان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان ڪيل واعدي کي وساري ان جي نافرماني ڪري رهيو آهيان! پوءِ انهيءَ وقت ڌاڙيلن جي سردار پنهنجي ساٿين سان گڏ توبہ ڪئي ۽ قافلي جو ڦر ڪيل مال بہ واپس موٽائي ڇڏيو. (بهجة الاسرار ، ذکرطريقه ،ص١٦٨، ملخصاً)

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدني قافلہ"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ الله وارن جي واعدي جي پابندي جي حوالي سان ڪيتري قدر مدني ذهن ٺهيل هو جو پُرخطر حالتن ۾ بہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن تي عمل پيرا رهندا هئا ۽ واعدي جي پاسداري جو ڀرپور انداز ۾ لحاظ رکندا هئا. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ انهن الله وارن جي سيرت تي عمل ڪندي هر حال ۾ واعدي جي پاسداري ڪريون ۽ اهڙن جي صحبت (Company) ۾ ويهون جو جنهن جي برڪت سان اسان کي بہ واعدي جي پابندي جو مدني ذهن ۽ واعده خلافي کان ڇوٽڪارو نصيب ٿئي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ عاشقانِ صحابہ واهلبيت جي صحبت جي برڪت سان ٻين برڪتن سان گڏوگڏ واعدي جي پابندي جو بہ خوب خوب ذهن ٺهندو آهي، تنهنڪري اوهان بہ هن مدني ماحول سان وابستہ ٿي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. 12 مدني ڪمن مان ماهانہ هڪ مدني ڪم هر مهيني گهٽ مان گهٽ 3 ڏينهن جي "مدني قافلي ۾ سفر" بہ آهي. اَحاديثِ مُبارَڪہ ۾ جڳهہ جڳهہ تي راهِ خُدا ۾ سفر جون فضيلتون بيان ڪيون ويون آهن، جيئن تہ

حضرت سَيِدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي تہ ٻنهي جهانن

جي تاجوَر، سلطانِ بَحرو بَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: جنهن شخص جا پير راهِ خُدا ۾ مٽي هاڻا ٿين انهن کي جهنّم جي باهه مس نہ ڪندي. (بخاري، ڪتاب الجهادو السير،با ب من اغبر ت قد ماه...الخ، ٢/ ٢٥٧، حديث:٢٨١١) اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جتي آخرت ۾ فائدي مند آهي اتي دنيا ۾ بہ مصيبتن، تڪليفن ۽ آزمائشن جي پري ٿيڻ جو سبب بہ آهي. اچو! مدني قافلي جي هڪ مدني بهار پڙهون ٿا،

## 6 سال پراڻي مرض مان شفا ملي

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ جي پيٽ جيڪا 6 سال کان انتهائي تڪليف ده مرض اِيگزيما (Eczema، جِلد جي هڪ بيماري) ۾ مبتلا هئي. علاج گهڻو ڪرايو پر ڪو فرق نہ ٿيو جنهن جي ڪري پريشاني وڌندي پئي وئي، انهيءَ دوران ان جي ڀاءُ جي ملاقات هڪ مبلّغ دعوتِ اسلامي سان ٿي. ان پنهنجي پريشاني جو ذڪر ڪيو تہ مبلغِ دعوتِ اسلامي مدني قافلي جون مدني بهارون بيان ڪيون تہ جيڪو پريشانين کان نجات ۽ بيمارين کان شفا جي ارادي سان راهِ خدا ۾ سفر ڪري ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دلي مراد کي پوري ڪندو آهي، تنهنڪري اوهان بہ مدني قافلي ۾ سفر ڪري پنهنجي پيٽ جي شفايابي جي لاءِ دعا ڪريو. ان اسلامي ڀاءُ جڏهن مدني قافلي جون بَرڪتون پڙهيون تہ هٿوهٿ مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪري ورتي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت ائين ظاهر ٿي تہ انهن جي پيٽ ڏينهو ڏينهن صحت ياب ٿيڻ لڳي ۽ ڪجهہ ئي عرصي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان انهن کي 6 سالہ پُراڻي مُوذي مرض کان نجات مل وئي.

## مدني قافلن جي اهميت بابت اميرِ اهلسنّت جا فرمان:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ وڌ کان وڌ مدني قافلي جون برڪتون ماڻڻ جي لاءِ هر مهيني گهٽ مان گهٽ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت ضرور حاصل ڪرڻ گهرجي. شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي مدني

قافلي ۾ ان ۾ سفر ڪرڻ وارا عاشقانِ رسول وڏيڪ محبوب آهن. اچو! مدني قافلي جي اهميت جي متعلق سندن جا پنج (5) اقوال ٻڌون ٿا.

- دعوت اسلامي جي بقا مدني قافلن ۾ آهي.
- مدني قافلا دعوت اسلامي جي لاءِ ڪرنگهي واري هڏي جي حيثيت رکن ٿا.
- جيڪڏهن شرعي رُڪاوٽ نہ هجي تہ دِين جي خاطر گهر کان ٻاهر راهِ خدا ۾ رهڻ جي عادت بڻايو، مان گهر کان ٻاهر رهي الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان دِين جي خدمت جي سعادت ماڻي آهي.
- مون کي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارن سان پيار آهي .
- اسان جي منزل مدني قافلن جي ذريعي سڄي دُنيا ۾ سنّتن جون بهارون عام ڪرڻ آهي. (نیک بننے ۽ بنانے کے طریقے،ص ۲۹تا۳۳)

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو دُور ہوں آفتیں قافلے میں چلو
یا خدا ہر گھڑی رَٹ ہو عطاؔر کی قافلے میں چلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ ڪو شخص ڪنهن سان واعدو ڪندو آهي مثال طور اوهان جو فُلاڻو ڪم ان ڏينهن تائين مڪمل ڪندس پر ڪنهن عذر جي سبب هو ان ڪم کي پورو نہ ڪري سگهيو، هاڻي جنهن سان واعدو ڪيو ويو هو اهو هي سمجهندو آهي تہ واعدي ڪرڻ واري ان سان واعده خلافي ڪئي آهي ۽ ٿال مٽول سان ڪم وٺي رهيو آهي، ائين هڪ غلط فهمي جي سبب ٻنهي ۾ اٽڪ ٿيندي آهي ۽ پوءِ غيبتن، تهمتن ۽

عيب درين وغيره جو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي. ياد رکو! واعدي خلافي جو هرگز هي مطلب ناهي جيڪو اسان سمجهي ورتو آهي بلڪ واعدي خلافي ان وقت ٿيو ويندو جڏهن واعدو پورو ڪرڻ جي نيت ئي نہ هجي. جيئن تہ

**حُضور پُرنور،**شافِعِ يومُ النُّشُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: واعدي خلافي اها ناهي تہ ماڻهو واعدو ڪري ۽ ان جي **نيّت** ان کي پوري ڪرڻ جي بہ هجي، پر واعدي خلافي اها آهي تہ ماڻهو واعدو ڪري ۽ ان جي **نيّت** ان کي پورو ڪرڻ جي نہ هجي. (الجامع لاخلاق الراوي ،باب املاء الحديث ،ص ۳۱۵،رقم:۱۱۶۸) **هڪ** ٻي هنڌ تي ارشاد فرمايائون: جڏهن ڪو بہ شخص پنهنجي ڀاءُ سان واعدو ڪري ۽ ان جي **نيّت** پوري ڪرڻ جي بہ هجي ۽ پوءِ پورو نہ ڪري سگهي ۽ واعدي تي نہ اچي سگهي تہ ان تي ڪو بہ گناهہ ناهي. (ابوداود،ڪتاب الادب،باب في العدة، ۴/ ۳۸۸ ،حديث ۴۹۹۵ )

مُفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا تہ حَدِيث جو مطلب آهي تہ واعدو ڪرڻ وارو پورو ڪرڻ جو ارادو (Intention) رکندو هجي، پر ڪنهن مجبوري يا عُذر جي ڪري پورو نہ ڪري سگهي تہ اهو گنهگار ناهي. ائين ئي جيڪڏهن ڪنهن جي نيّت واعدي خلافي جي هجي پر اِتفَاقِي طَور پورو ڪري وجهي تہ ان بدنيّتي جي ڪري گنهگار آهي، هر واعدي ۾ نيّت جو وڏو عمل دخل آهي. (مرآةالمناجيح،۶/۴۹۲)

صدر الشريعہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: واعدو ڪيو ويو پر ان کي پورو ڪرڻ ۾ ڪا شَرعي قباحت هئي، ان ڪري پورو نہ ڪيو ويو تہ ان کي وَاعِدي خِلَافِي نہ چئبو ۽ وَاعدي خِلافي جو جيڪو گناهہ آهي اهو ان صورت ۾ نہ ٿيندو، مثال طور وعدو ڪيو هو تہ مان فلاڻي جڳهہ تي ايندس ۽ اتي ويهي تنهنجو انتظار ڪندس، پر جڏهن اتي ويو تہ ڏٺائين تہ ناچ رنگ ۽ شراب جي مَحفل ۾ ماڻهو مَشغُول آهن ان ڪري اتان هليو آيو تہ اها واعدي خلافي ناهي، يا ان جو انتظار ڪرڻ جو واعدو

ڪيائين ۽ انتظار ڪري رهيو هو تہ نماز جو وقت ٿي ويو تہ اهو هليو آيو تہ هي واعدي جي خلاف نہ ٿيو. (بهار شريعت،حصه ۱۶،ص۷ )

## مجلس دارُالمدينہ جو تعارف !

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ واعدو ڪرڻ کان پوءِ ان کي پورو نہ ڪرڻ هر صورت ۾ بد عهدي ۽ واعدي خلافي ناهي هوندي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪڏهن ڪنهن واعدو ڪري پورو نہ ڪيو هجي يا تاخير جو مظاهرو ڪيو هجي تہ هرگز هرگز ان تي واعدي خلافي جو الزام لڳائڻ، ان کي بدنام ڪرڻ يا ان جي باري ۾ بد گماني ۽ غيبت ۾ مبتلا ٿيڻ بدران حسنِ ظن سان ڪم وٺو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ مسلمانن جي باري ۾ حُسنِ ظن رکڻ، واعدن جي پابندي ڪرڻ ۽ واعدي خلافي کان بچڻ جو ڀر پور ذهن ڏنو ويندو آهي، تنهنڪري اوهان بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ ڪم وبيش 104 شعبن (Departments) جي ذريعي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. اُمّتِ مسلمہ تائين دِيني تعليمات عام ڪرڻ جي لاءِ، جامعاتُ المدينہ، مدارسُ المدينہ، سُنّتن ڀريا اجتماع، مدني مذاڪرا، مَدَني قافلا، مدني دورا، **اِصلاحِ اعمال ڪورس، فيضانِ نماز ڪورس**، فرض عُلُوم ڪورس، مَدَني چينل ۽ مدني درس وغيره جي اهميت پنهنجي جڳهہ تي ضرورت هن اَمر جي بہ هئي تہ ڪو اهڙو تعليمي اِدارو هجي جيڪو دِيني ۽ دُنياوي تعليم جو حَسين امتزاج هجي، جنهن ۾ پڙهڻ وارا مدني مُنّا ۽ مدني مُنّيون نہ صرف باوقار مُسلمان بڻجن بلڪ شريعت جي مطابق پيشہ وراڻي تعليم حاصل ڪري خُودڪفيل ٿي مُعاشري ۾ نُمايان مقام بہ حاصل ڪري سگهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هنن مقصدن کي عملي جامو پارائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي تحت ”**دارُ المدينہ**“ جو قيام عمل ۾ آندو ويو،

تنهنڪري اوهان بہ پنهنجي ٻارن کي علم ۽ عمل جو پيڪر ۽ معاشري جو بهترين فرد بڻائڻ جي لاءِ دارُالمدينہ ۾ داخل ڪرايو تہ جيئن ننڍپڻ کان ئي انهن جي طبيعت ۾ سنيون عادتون پيدا ٿين.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معاشري ۾ ترقي جي لاءِ هڪ ٻئي جو اعتماد (Trust) حاصل ڪرڻ گهڻو ضروري آهي ۽ ترقي جي هن سفر ۾ ڪاميابي جي لاءِ يقين ڏهاني جي قدم قدم تي ضرورت پوندي آهي جنهن جو هڪ ذريعو واعدو پورو ڪرڻ بہ آهي. اچو! واعدو نڀائڻ ۽ واعدي خلافي جي گناهہ کان ڇوٽڪاري جي لاءِ ڪجهہ طريقن جي باري ۾ ٻڌون ٿا:

## (1) واعدو پورو ڪرڻ جون فضيلتون پيشِ نظر رکو!

وعدو پورو ڪرڻ جي عادت بڻائڻ جي لاءِ هن جي فضيلتن تي مشتمل روايتن ۽ بزرگانِ دِين جي واقعن جو مطالعو ڪريو تہ ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عمل جو جذبو پيدا ٿيندو. ترغيب جي لاءِ هڪ حديثِ پاڪ ٻڌو، جنهن ۾ واعدو پورو ڪرڻ وارن کي بهترين ماڻهن ۾ شمار ڪيو ويو آهي.

سرڪارِ عالي وقار، مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: توهان جا بهترين ماڻهو اهي آهن جيڪي واعدو پورو ڪرڻ وارا ۽ نيڪ طبيعت جا مالڪ آهن، بيشڪ! الله عَزَّوَجَلَّ گمنام ۽ پرهيزگار ٻانهي کي پسند فرمائي ٿو.

(مسند ابي يعلي، مسند ابي سعيد الخدري، ١/ ۴۵١، حديث: ١٠۴٧)

## (2) واعدي خلافي جا دنيوي ۽ اخروي نقصانن تي غور ڪريو!

واعدي خِلافي جي نقصانن تي غور ڪرڻ سان بہ واعدو پورو ڪرڻ جي عادت ٺهندي. واعدو پورو نہ ڪرڻ جي نقصانن ۾ هي آهي تہ واعدو ٽوڙڻ مُنافقت جي نشاني، الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي جو سبب ۽ دُنيا ۾ عزّت ۽ وقار جي بربادي

www.dawateislami.net

(Destruction) جو سبب آهي، واعدي خِلافي ڪرڻ واري جي ڪا ڳالهه قابلِ اعتماد ناهي هوندي، واعدو خلافي ڪرڻ وارو دُنيا ۾ ته رُسوا ٿيندو ئي آهي آخِرت ۾ به سخت سزائن جو مستحق بڻجي سگهي ٿو.

### (3) محتاط جملا ڳالهايو

واعدي خِلافي کان بچڻ جي لاءِ محتاط جملا ڳالهائڻ به مفيد آهن مثال طور جيڪڏهن ڪو دَرزي آهي ته هو واعدو نه ڪري بلڪ هيئن چوي: "منهنجو اِرادو ته آهي ته سياڻي تائين ڪپڙا اوهان کي ڏيان، پر واعدو نٿو ڪيان، ٿي سگهي ٿو ته هن ۾ ڪوتاهي ٿي وڃي." يا ان جهڙا ٻيا محتاط جملا ڳالهائي، صحيح عُذر ٻڌائڻ ۾ به ڪو حرج ناهي. اهڙي طرح جن اِسلامي ڀائرن جو ڏيتي ليتي جو ڪم آهي، جيڪڏهن انهن کي پڪي خبر (Confirm) آهي ته اها ڏيتي ليتي واعدي جي مطابق طي شده وقت تي نه ٿي سگهندي ته اهڙي صُورت ۾ اُنهن کي کپي ته ڪنهن شيء پهچائڻ وغيره جو يقيني وقت (Confirm time) نه ڏين.

### امير اَهلسنّت جا مدني گل

شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جتي ٻين ڪيئي معاملن ۾ اسان جي رهنمائي فرمائي آهي، اتي واعدي خلافي کان بچڻ جي باري ۾ به اسان کي شاندار مدني گل عطا فرمايا آهن. جيئن ته پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي تصنيف "غيبت جون تباه ڪاريون" ۾ فرمائن ٿا:

(1) وَاعِدو اهو آهي ته ڪنهن سان باقاعده واعدي جي طور طئي ڪيو وڃي ته "فُلاڻو ڪم ڪندس يا فُلاڻو ڪم نه ڪندس" جيڪڏهن لفظ "واعدو" نه چيو پر انداز ۽ لفظن جي ذريعي پنهنجي ڳالهه کي مُؤڪّد يعني ان ڳالهه تي يقين ظاهر ڪيائين، تڏهن به "وَاعدو" آهي، مثال طور: هيئن چيو ته وَاعِدو ڪيان ٿو ته "مدني قافلي" ۾ سفر ڪندس، يا اهو چوڻ جي بجاءِ چيو: بلڪل پڪي ڳالهه چئي رهيو آهيان يا چوي: يَقِين ڪريو، يا چيو:بلڪل طئي آهي ته، يا چيو

نہ نہ توھان مُطمَئِن رھو، يا چيو: بس ھاڻي ٺيڪ ٺئي ويو تہ ..... وغيره. ان جو مثال ائين ڏيان جيئن مَڱڻي (Engagement) ھي واعدو آھي جيتوڻيڪ ان ۾ ”واعدي“ جا لفظ ناھن ڳالھايا ويندا پر باقاعده ڇوڪري وارن کان ٺئي ڪيو ويندو آھي ۽ اھو ”ٺئي ڪرڻ“ ئي وَاعدو آھي۔ (غیبت کی تباہ کاریاں ،ص۴۶۱)

(2) ڪجھ ماڻھو اھو جملو چوندا آھن ”نيڪ آ واعدو نہ ٿا ڪريو تہ ارادو ئي ڪري ڇڏيو“ ٿي سگھي ٿو تہ ائين اِرَادو يا نيّت ڪرائڻ بہ گھڻن کي گناھن ۾ مُبتَلا ڪري ڇڏيندو ھجي. جي ھا، دل ۾ ارادو (يعني نيّت) نہ ھجڻ جي باوجود مثال طور: ڪنھن چئي ڇڏيو تہ ”مان ارادو (يا نيّت) ڪريان ٿو 12 مھينا (يا 30 ڏينھن يا 3 ڏينھن) جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندس.“ تہ اھو صَريح (يعني واضح) ڪوڙ آھي. تنھنڪري جڏھن بہ ڪنھن کان ارادو ڪرايو تہ ڳڏوڳڏ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بہ چورائي ڇڏيندا ڪريو، جيڪڏھن دل ۾ ارادو نہ بہ ھجي تہ اڳلو گناھ کان بچي ويندو. (غیبت کی تباہ کاریاں ، ص۴۶۲)

(3) ”ڪوشش ڪندس“ چوڻ ۾ بہ گناھن ۾ پوڻ جو خطرو موجود آھي، يعني دل ۾ نيّت نہ ھئڻ باوجود جان ڇڏائڻ جي لاءِ چئي ڇڏيائين تہ ”ڪوشش ڪندس“ تہ اھو بہ ڪوڙ آھي، ان ڪري ائين چورايو تہ ”اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“ ڪوشش ڪندس، يا وري اللّٰه عَزَّوَجَلَّ چاھيو تہ ڪوشش ڪندس اھو جملو ”ڪوشش ڪندس“ اسان وٽ تمام گھڻو عام آھي. چوڻ واري کي پھريائين پنھنجي نيّت تي غور ڪرڻ گھرجي. جيڪڏھن ڪوشش ڪندس چوڻ سان گڏ ”اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“ چوڻ جي عادت پئجي وئي تہ ”اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“ ڇوٽڪارو ئي ڇوٽڪارو آھي، ”اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“ چوڻ وقت ان جي معنيٰ تي بہ نظر رکڻ گھرجي. ”اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“ جي معني آھي. ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ چاھيو تہ“ گھڻا ماڻھو ان جو تَلَفُّظ غَلط ادا ڪندا آھن. صَحِيح ادائگي جي خوب مشق ڪريو ”اِنْ – شَـآ – اَللّٰه“. (غیبت کی تباہ کاریاں،ص۴۶۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان واعدي جي پابندي جي باري ۾ بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. اسان ٻڌو تہ

❁ واعدو پورو ڪرڻ مسلمانن جي مدد جو ذريعو آهي. ❁ واعدي بابت بروزِ قيامت سوال ڪيو ويندو. ❁ واعدو نڀائڻ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي پاڪيزه سُنّت آهي. ❁ واعدو نڀائڻ بزرگن جو طريقو آهي. ❁ واعدي نڀائڻ وارا بهترين ماڻهو آهن. ❁ واعدو خلافي ڪرڻ واري تي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي فرشتن جي لعنت ٿيندي آهي. ❁ واعدي خلافي ڪرڻ واري جو نہ تہ فرض قبول ٿيندا آهن نہ ئي ڪو نفل. ❁ واعدو خلافي ڪرڻ واري جي لاءِ هلاڪت ئي هلاڪت آهي. ❁ واعدو خلافي ڪرڻ منافقت جي نشاني آهي. ❁ واعدي خلافي ڪرڻ دنيا ۽ آخرت ۾ ذِلّت ۽ رُسوائي جو سبب آهي.

الله تعاليٰ، نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ بزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جي طفيل اسان سڀني کي واعدو پورو ڪرڻ ۽ واعدي خلافي کان بچڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵)

سينہ تِري سُنَّت کا مدينہ بنے آقا جنّت ميں پڑوسی مجھے تُم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قبرستان جون حاضري جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَوْلانا ابُو بلال محمّد الياس عطّار قادِرِي رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي 163مدني گل سان قبرستان جي حاضري جون سنتون ۽ آداب سکون ٿا:❀فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: مون توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو، پر هاڻي توهان قبرن جي زيارت ڪيو، ڇوتہ هي دنيا مان بي رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي. (ابن ماجه ج 2 ص 252 حديث 1571) ۞ (وليُّ الله جي مزار شريف يا) ڪنهن بہ مسلمان جي قبر جي زيارت ڪرڻ لاءِ وڃڻ چاهيو تہ مستحب هي آهي تہ پهرين پنهنجي گهر (غير مڪروهہ وقت) ۾ بہ رڪعتون نفل پڙهي، هر رڪعت ۾ سورةُ الفَاتِحہ کان پوءِ هڪ ڀيرو آيَةُ الكُرسِي ۽ ٽي ڀيرا سورةُ الاِخلاص پڙهي ان نماز جو ثواب صاحبِ قبر کي پهچائي، اللّٰه تعاليٰ ان فوت ٿيل شخص جي قبر ۾ نور پيدا ڪندو ۽ ان (ثواب پهچائڻ واري) شخص کي تمام گهڻو ثواب عطا فرمائيندو. (عالمگيري ج 5 ص 350) ۞ مزار شريف يا قبر جي زيارت لاءِ ويندي وات تي فضول ڳالهين ۾ مشغول نہ ٿيو. (ايضاً) ۞ قبرستان ۾ ان عام رستي کان وڃو جتي ماضي ۾ بہ ڪڏهن ڪنهن مسلمان جون قبرون نہ هيون، "ردالمحتار" ۾ آهي: (قبرستان ۾ قبرون ختم ڪري) جيڪو نئون رستو ٺاهيو ويو ان تي هلڻ بہ حرام آهي. (ردالمحتار ج 3 ص 612) بلڪ نئي رستي جو گمان هجي تڏهن بہ ان تي هلڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي. (درمختار ج 3 ص 183) ۞ ڪئين اوليائن جي مزارن تي ڏٺو ويو آهي تہ زائرين جي سهولت خاطر مسلمانن جون قبرون ڊاهي ڪري فرش ٺاهيو ويندو آهي، اهڙي فرش تي ليٽڻ، هلڻ، بيهڻ، تلاوت ۽ ذِڪر اَذڪار جي لاءِ ويهڻ وغيره حرام آهي، پري کان ئي فاتحہ پڙهي ونو ۞ قبر جي زيارت ميّت جي چهري جي سامهون بيهي ڪري ۽ ان (يعني قبر واري) جي پيراندي واري پاسي کان

www.dawateislami.net

وججي جو ان جي نگاهہ سامهون هجي، سيراندي کان نہ اچي جو ان کي متو ڪٽي ڏسڻو پوندو. (فتاويٰ رضويه ج 9 ص 532) ۞ قبرستان ۾ انهيءَ طرح بيهو جو قبلي ڏانهن پُٺ ۽ قبر وارن جي چهري ڏانهن منهن هجي ان کان پوءِ چوي: اَلسَّلامُ عَلَيۡكُمۡ يَا اَهۡلَ الۡقُبُوۡرِ يَغۡفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمۡ اَنۡتُمۡ لَنَا سَلَفٌ وَّنَحنُ بِالۡاَثَر يعني: اي قبر وارؤ! توهان تي سلام هجي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي، توهان اسان کان پهرين اچي ويا ۽ اسين توهان کان پوءِ اچڻ وارا آهيون. (عالمگيري ج 5 ص 350) ۞ قبر جي متي اگربتي نہ ٻاري وجي هن ۾ بي ادبي ۽ بد فالي آهي (۽ هن سان ميت کي تڪليف ٿيندي آهي) ها جيڪڏهن (حاضرين کي) خوشبو (پهچائڻ) جي لاءِ (لڳائڻ چاهيو تہ) قبر وٽ خالي جڳهہ هجي اتي لڳايو جو خوشبو پهچائڻ محبوب آهي. (فتاويٰ رضويه ج 9 ص 525، 582) ۞ قبر تي ڏيئو يا ميڻ بتي وغيره نہ رکو جو اهي آگ آهن، قبر تي آگ رکڻ سان ميّت کي اَذِيّت (يعني تڪليف) ٿيندي آهي، ها رات ۾ راهہ هلندڙن جي لاءِ روشني مقصود هجي تہ قبر جي هڪ پاسي خالي زمين تي ميڻ بتي يا ڏيئو رکي سگهو ٿا.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"**سنتين۽آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

تری سُنّتوں پہ چل کر میری روح جب نکل کر چلے تو گلے لگانا مدنی مدینے والے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

### (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(2)

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدِّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

اڄ جي هفتہ وار مدني حلقن ۾ "قتلِ ناحق" (يعني بي گناهہ قتل) جي موضوع تي
سکڻ سيکارڻ جو سلسلو ٿيندو ۽ "بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان جي دعا" ياد ڪرائي ويندي. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ

(هي مواد هفتہ وار اجتماع جي بيان جي آخر ۾ بہ موجود آهي)

## (3).....قتلِ ناحق

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حقيقت هي آهي تہ هڪ مسلمان ٿي پنهنجي ٻئي مسلمان ڀاءُ جي جان، مال، ۽ عزت جو محافظ هوندو آهي جيئن تہ رسولِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: "اَلْمُسْلِمُ مَنْ سَلِمَ الْمُسْلِمُوْنَ مِنْ لِّسَانِهٖ وَيَدِهٖ" مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ سان مسلمان محفوظ رهي. (صحيح بخاري، ص. 73، حديث 10) پر صد افسوس! اڄ جو مسلمان دنيا جي محبت ۾ ڪجهہ اهڙي طرح گم ٿي ويو آهي جو پنهنجي ئي مسلمان ڀاءُ جو گلو ڪٽيندو، ان جي عزت ۽ آبرو تي حملو ڪندو ۽ مال ۽ دولت لُٽيندو آهي. اچو! هتي قتلِ ناحق جو عذاب ۽ ان جي باري ۾ ڪجهہ شرعي احڪام ملاحظہ ڪريو.

## "قتل ناحق" جا مختلف احڪام

(1) ڪنهن مسلمان کي ڄاڻي واڻي قتل ڪرڻ سخت ترين ڪبيره گناهہ آهي. (فتاوٰي رضويه، ج. 21، ص. 263) (2): (شريعت ۾) قتلِ عَمد (يعني اسلحي سان قصدًا قتل ڪرڻ) جي سزا دنيا ۾ فقط قِصَاص (يعني قتل جو بدلو قتل) آهي يعني اهو ئي مُتَعَيّن (مقرر) آهي. ها! جيڪڏهن اولياءِ مقتول معاف ڪري ڇڏن يا قاتل کان مال وٺي مصالحت (صلح) ڪري ڇڏن تہ هي بہ ٿي سگهي ٿو. (بهارِ شريعت، حصو 17، ج. 3، ص. 752)

## آيتِ مبارڪ

وَمَنْ يَّقْتُلْ مُؤْمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهٗ

جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِيْهَا وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَلَعَنَهٗ وَاَعَدَّ لَهٗ عَذَابًا عَظِيْمًا ﴿۹۳﴾ (پ5، النساء، آيت 93)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جيڪو مسلمان کي ڄاڻي واڻي قتل ڪري تہ ان جو بدلو

جهنم آهي جو ڪيتري ئي مدت ان ۾ رهي ۽ الله ان تي غضب ڪيو ۽ ان تي لعنت موڪلي ۽ ان جي لاءِ تيار ڪري رکيائين وڏو عذاب.

## حديث شريف

نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن ارشاد فرمايو:** ان ذات جو قسم، جنهن جي قبضہ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! بيشڪ هڪ مومن جو قتل ڪرڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ دنيا جي تباهہ ٿي وڃڻ کان وڌيڪ وڏو آهي. (نسائي، ص. 652، حديث 3992)

## قتلِ ناحق جا 6 عمومي اسباب

(1) مقصد جي حصول ۾ ناڪامي تي شديد غم ۽ غصو، (2) گهريلو ناچاقي مثلاً مڙس زال يا پاءُ پاءُ ۾ مسلسل جهيڙو ٿيو تہ تنگ ٿي ڪري هڪ فريق ٻئي کي قتل ڪري ڇڏيندو آهي. (3) مال جي جمع ڪرڻ جي حرص (4) جائيداد (Property) جا جهيڙا، ان جي سبب قتل ڪرڻ ڳوڻن ۾ پايو ويندو آهي. (5) تڪبر تہ متڪبر ماڻهو بعض اوقات پنهنجي ذات ۾ معمولي بي ادبي ڪرڻ واري کي قتل ڪري ڇڏيندو آهي. (6) سياسي محاذ آرائي، ان ۾ هڪ فريق پنهنجي قائد جي حمايت ۾ ٻئي فريق جو بي دريغ خون وهائي ڇڏيندو آهي. (رسائلِ قادريه، ص. 473-474)

## قتلِ ناحق کان بچڻدي رهڻ جي لاءِ

◈ غصي کي قابو ۾ رکڻ، ان جي لاءِ شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَہۡ جو رسالو "**غصي جو علاج**" جو مطالعو مفيد آهي. ◈ گهر ۾ مدني ماحول ٺاهيو ۽ شريعت ۽ سنت جي مطابق زندگي گذاريو، اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ! گهريلو ناچاقيون ۽ لڙائي جهڳڙن جو خاتمو ٿيندو. ◈ دل مان دنيا جي محبت ڪڍي ڇڏيو. حديث شريف ۾ آهي: "حُبُّ الدُّنۡيَا رَأۡسُ كُلِّ خَطِيۡئَةٍ" دنيا جي محبت تمام گناهن جي جڙ آهي. (مشكوة المصابيح، ج. 2، ص. 250، حديث 5213) ◈ عاجزي اختيار ڪريو ۽ تڪبر جي

آفت کان پيڇو ڇڏايو.◈ انجام کي پيشِ نظر رکو تہ ھي وقتي ۽ جذباتي قدم دنيا ۽ آخرت ۾ کيتري قدر تباھي ۽ بربادي جو باعث بڻجندو آھي مثلاً ھي تہ قاتل کي پنھنجي ملکي قانون جي مطابق طرح طرح جي تڪليف واريون سزائون ۽ عزيز ۽ اقرباء جي سامھون ذلت ۽ رسوائي کي منھن ڏيڻو پوندو آھي، ان جي علاوه قرآن ۽ حديث ۾ ان جي لاءِ جھنم جو دردناڪ عذاب جي وعيدون بہ آيون آھن.

## ھفتيوار اجتماع جي مدني حلقن ۾ ياد ڪرائڻ واري دعا

**دعوت اسلامي** جي ھفتيوار سنتن ڀري اجتماع جي مدني حلقن ۾ ھن ڀيري جدول جي مطابق "**بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ کان پھريان جي دعا**" ياد ڪرائي ويندي، دعا ھي آھي:

اَللّٰھُمَّ اِنِّیۡۤ اَعُوۡذُ بِکَ مِنَ الۡخُبُثِ وَالۡخَبَآئِثِ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان ناپاڪ جنّ ۽ جنڙين کان تنھنجي پناھ گھران ٿو. (بخاري،کتاب الدعوات، ص1562،الحديث6322)

ڇو تہ پاخاني (بيت الخلاء) ۾ گندا جنات رھندا آھن. انھيءَ ڪري ھي دعا پڙھڻ گھرجي. (مرأة المناجيح، ج. 1، ص. 259)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**اختتام تي مدني انعامات جي رسالي مان فڪر مدينہ ڪرائي وڃي.**